# اجـــرڪ

اجرڪ سنڌ جي ثقافت جي سُجاڻ ۽ سوکڙي آهي. آثارن ۽ اُهڃاڻن مان معلوم ٿئي ٿو، تہ سنڌ ۾ اجرڪ جي تياري ۽ استعمال قديم زماني کان هلندو پيو اچي. موهن جي دڙي مان پروهت جي جيڪا مورتي ملي آهي، انهيءَ کي هڪ چادر اوڍيل آهي. انهيءَ چادر اوڍڻ جو ڍنگ ۽ ڊزائين بہ هاڻوڪي ڪکر واري اجرڪ سان ملندڙ آهي.

عربن اجرڪ کي "ازرق" جي نالي سان سڏيو آهي. ازرق جي معنيٰ آهي نيرو رنگ. اجرڪ جي تَر ۾ نيرو رنگ زياده استعمال ٿيندو آهي. اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ ٻنهي جهانن جا سردار حضرت مُحمد صلّي الله عليه وآلہٖ وسلّم جن جيڪا چادر اوڍيندا هئا، اها اجرڪ هئي.

اجرڪ جي تياري ۽ ڄُرائي سنڌ جو خاص هُنر آهي. ان جي تياريءَ ۾ وڏي محنت ۽ مهارت جي ضرورت آهي. ان جو اندازو انهيءَ مان لڳائي سگهجي ٿو، تہ اجرڪ چوڏهن مختلف مرحلن مان گذري مڪمل ٿئي ٿي. اجرڪ جي ڄُر جا وري پنج مرحلا آهن. هر هڪ مرحلي ۾ مختلف پُور يا ٺپا لڳندا آهن ۽ اجرڪ جي مڪمل ٿيڻ تائين اٽڪل پنجويهہ سَو پيرا پُور لڳن ٿا. انهيءَ کان سواءِ اجرڪ جي تياريءَ ۾ اٽڪل سورهن مصالحا استعمال ٿين ٿا. ڊزائين ۽ رنگ جي لحاظ کان اجرڪ جا قسم

ڏهن ڪان متي آهن ۽ انهن جا نالا بہ الڳ الڳ آهن. اجرڪ گهڻو ڪري لاڙ وارن شهرن ۾ ٺهي ٿي. جهڙوڪ: نصرپور، ٽنڊو محمد خان، ڪيبر، سيڪاٽ، مٽياري، هالا، پٽ شاهہ، ماتلي، اُتر واري حصي ۾ سکر ۾ اجرڪ ٺهي ٿي. اڳي ٺٽڙ ۽ مانجهند ۾ بہ اجرڪ ٺهندي هئي، پر اهي مرڪز ڪڏهوڪو بند ٿي ويا آهن.

رنگن جي لحاظ کان اجرڪ جا گهڻو ڪري چار رنگ ٿيندا آهن: اڇو، ڪارو، ڳاڙهو ۽ نيرو. ڳاڙهو رنگ ڪڏهن هلڪو هوندو آهي، ڪڏهن ڳُوڙهو، تہ ڪڏهن وري ڳاڙهو- ناسي ٿي ويندو آهي. اجرڪ جي زمين يا تر جو رنگ ڳاڙهو يا نيرو هوندو آهي، ليڪا ۽ ڇٽ- ڪارا هوندا آهن تہ ڦلڙيون وري اڇيون هونديون آهن.

اجرڪ لاءِ هرڪ يا پاپلين جو ڪپڙو استعمال ٿيندو آهي. موجوده دور ۾ اجرڪ مان ٽايون، شرٽون، اسڪرٽ، پڙا، زنانا چولا ۽ سلوارون بہ ٺاهيون وڃن ٿيون. انهيءَ کان سواءِ درن ۽ درين جا پردا، ڪُشن ڪور، ميز پوش بہ اجرڪ مان ٺاهجن ٿا. اجرڪ جي مقبوليت جو اندازو ان مان بہ لڳائي سگهجي ٿو، تہ ڪپڙي جي ڪارخانن ۾ بہ اجرڪ جي ڊزائين تي پورا تاڪيا تيار ڪيا وڃن ٿا. انهن ۾ ريشمي ۽ سنهو ڪپڙو بہ اچي وڃي ٿو، پر جيڪا سونهن اصل اجرڪ ۾ آهي، اُها نقلي اجرڪ ۾ ڪٿي!

اجرڪ ننڍا توڙي وڏا، عورتون توڙي مرد پهرين ٿا. اجرڪ هر موسم ۾ پهري سگهجي ٿي. اها اونهاري ۾ ٿڌي ۽ سياري ۾ گرم محسوس ٿيندي آهي.

اجرڪ سنڌ جي ثقافت جي هڪ اهم علامت آهي. اجرڪ جيئن مختلف مرحلن مان گذري ٿي، بلڪل ائين ئي زندگيءَ جي مختلف مرحلن ۾ اجرڪ جو استعمال ٿئي ٿو. عام زندگيءَ ۾ ته اجرڪ جو استعمال آهي ئي آهي، پر خاص موقعن تي پنهنجي محبت ۽ عقيدت جو سهڻي ۾ سهڻو اظهار اجرڪ کان وڌيڪ ٻيو ڪوبه ڪونهي! جيڪڏهن ڪنهن مهمان کي مانُ ڏيڻو هوندو آهي، ته ان کي اجرڪ اوڍائي ويندي آهي. اسان جي زندگيءَ ۾ اجرڪ جي عمل دخل جو اندازو ان مان به لڳائي سگهجي ٿو، ته پنهنجي پياري دوست يا عزيز جي مرڻ کان پوءِ ان جي ميت تي به اجرڪ وڌي ويندي آهي.

اجرڪ نه رڳو سنڌ ۽ پاڪستان ۾ مقبول آهي، بلڪه ان جي مقبوليت سنڌ ۽ پاڪستان جون سرحدون ٽپي ڏيساور ۾ به پهچي چڪي آهي. ڏيساور جي دوستن کي ڏيڻ لاءِ اجرڪ کان وڌيڪ بهتر ٻي ڪابه سوکڙي نه آهي.

(ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي)

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- سنڌ جي ثقافت جي اهم سوکڙي ڪهڙي آهي؟
2- اجرڪ کي عربن ۾ ڪهڙي نالي سان سڏيو ويندو آهي؟
3- اجرڪ ڪيترن مختلف مرحلن مان گذري مڪمل ٿئي ٿي؟
4- ڊزائين ۽ رنگ جي لحاظ کان اجرڪ جا گهڻا قسم آهن؟
5- اجرڪ سنڌ جي ڪهڙن شهرن ۾ ٺهي ٿي؟
6- اجرڪ جا ڪهڙا چار رنگ ٿيندا آهن؟

(ب) **هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:**
سُجاڻ – سوکڙي – اهجاڻ – ڍنگ – مانُ – ڏيساور.

(ج) **هيٺين لفظن جا واحد ۽ جمع لکو:**
اجرڪ- مورتيون- چادر- علامتون- هلڪا- ڪپڙو- سنها- ڳاڙهو.

(د) **هن سبق ۾ ڇهن رنگن جا نالا ڏنا ويا آهن، توهين انهن ڪان سواءِ ٻين رنگن جا نالا لکو.**

(هه) **هن سبق ۾ سنڌ جي ڪجهه شهرن جا نالا ڏنا ويا آهن، توهين انهن ڪان سواءِ سنڌ جي ٻين ڪن ٻه پنجن شهرن جا نالا لکو.**

( و ) **هن سبق ۾ ٻن موسمن "اونهاري" ۽ "سياري" جا نالا آيا آهن، توهين ٻين موسمن جا نالا لکو.**

(ز) **ضمير اهو لفظ آهي، جيڪو اسم بدران ڪم اچي ٿو، جيئن "آءٌ" "تون" "هو" وغيره. توهين انهن لفظن کي پنهنجي جملن ۾ ڪم آڻيو.**